# ميرزا قليچ بيگ جي تاريخ گوئي جو فني جائزو

## An analytical Assessment of the Historiography of Mirza Qalich Beg

ميرزا دبير

**Abstract:**

Mirza Kalich Beg was a renowned Scholar, Poet & Prose Writer of Sindh Literature. He was a well-known chronograms poet and an impressive narrator of this genre. He wrote many chronograms in Sindhi & Persian Languages. These chronograms bear a great literary significance. Some of this worn out, tattered and decrepit pieces of poetic manuscript were later obtained from chair of Mirza Kalich Beg Sindh University of Jamshoro. These include remnants of Persian & Sindhi chronograms. In this article these chronograms are analyzed in the light of the art of chronograms writing.

تاريخ گوئي علم بديع جي اصطلاح ۾ اُن فن کي چئجي ٿو جنهن جي ذريعي ڪنهن واقعي جو سن ڪنهن لفظ، فقري يا مصرع جي ذريعي حاصل ڪيو وڃي ۽ اُهو هجري يا عيسوي سال انهن اکرن جي عددن مان جُمل جي حساب مطابق ظاهر ٿئي. هن فن کي علمِ عروض جا ماهر ”قطعہ تاريخ“ يا ”ماده تاريخ“ بہ چون ٿا ۽ انگريزيءَ زبان ۾ اُن کي (Chronogram) سڏيو وڃي ٿو.

قطعہ تاريخ هڪ اهڙو فن آهي، جنهن ۾ ڪنهن اکر يا لفظن جي عددن جي مدد سان نہ فقط ڪنهن واقعي جي تاريخ يا سن محفوظ ٿئي ٿو بلڪہ اها تاريخ پنهنجي هڪ خاص مفهوم سان ان واقعي کي يادگار بڻائي ٿي ڇڏي. ان حوالي سان ميرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

ظاهر انگن ڏيڻ جي بدران اهڙا بامعنيٰ لفظ يا جملا يا آيتون يا شعر ٿا ڏجن، جن مان اکرن جي ُملهہ َبڌڻ ۽ جملي ڪرڻ سان گهربل تعداد موجود ٿئي ٿو. ڪي ڪي تہ اوچتو اهڙا عجيب لفظ ۽ جملا ايندا آهن، جو حيرت لڳي ويندي آهي (قليچ،2006ع، ص:76).

”قطعہ تاريخ“ جي فن جو بنياد جمل جي حساب تي آهي ۽ جمل جي قاعدي موجب ابجد جي ترتيب مطابق هر هڪ اکر جي قيمت يا اُن جا عدد مقرر ڪيا ويا آهن. ابجد جي ايجاد متعلق ميرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

عربي حرف يا اکر اصل عبراني ٻوليءَ مان ورتل آهن ۽ انهن جي صورت بہ انهن تان ورتل آهي ۽ انهن جي ترتيب اُها آهي، جا ابجد وارن لفظن ۾ ڏنل آهي. جن مان هر هڪ جو مُلهہ انگن ۾ ٺهرايل آهي. اهي اکر هي آهن: ”ابجد“، ”هوز“، ”حطي“، ”ڪلمن“، ”سعفص“ ۽ ”قرشت“. اهي مڙيئي ٻاويهہ اکر آهن ۽ عربن وٽ وڌيڪ ڇهہ اکر هئا، جي عبرانيءَ ۾ نہ هئا ۽ جي پوءِ پنهنجي الف بي ۾ وجهي اٺاويهہ اکر ڪيائون: ث، خ، ذ، ض، ظ، غ ۽ ابجد جي پنيان ”ثخذ“، ”ضظغ“، بہ لفظ گڏي ۽ انهن جو ملهہ عددن ۾ ڏيئي هڪ هزار پورو ڪيائون (قليچ. 2006ع. ص:167).

تاريخ گوئي جي حوالي سان ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري لکي ٿو:

The Chronograms are an integral part of funeral statement, it is interesting way of providing the vital information, especially regarding events, individuals, their contributions and incidents (most related to their death). These are composed in pleasing and easy to remember phrases, so that these could be quoted generation after generation, providing the authentic year of the happening (Lashari. 2018. P. xxviii)

قديم زماني ۾ فنِ جمل جي ماهرن تاريخ گوئي جي فن ۾ بنيادي ڳالهہ اها قائم ڪئي، تہ لفظن جي سمورن اکرن مان سن نڪري ۽ اُن ئي اصول کي صحيح مڃيو ويو. پوءِ تاريخ سڌي ۽ عام لفظن ۾ يا سادي نموني سان چئي ويندي هئي. پر جيئن جيئن ڪو فن پنهنجا ارتقائي مرحلا طئي ڪندو ٿو وڃي، تيئن تيئن اُن فن ۾ بہ نواڻ ۽ خيالن جي اظهار ڪرڻ جا نادر نمونا تخليق ٿيندا وڃن ٿا.

شاعريءَ جي ٻين صنفن جيان هِن صنف ۾ بہ ائين ئي ٿيو آهي ۽ قطعہ تاريخ جي اهميت ۽ افاديت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ، هڪ عام ۽ سادي طريقيڪار کان وٺي مختلف صنعتن جي استعمال تائين، هر تاريخ گو شاعر پنهنجي پنهنجي فڪري صلاحيتن جي آڌار تي شاعريءَ جي هِن منفرد صنف ۾ مختلف قسمن کي متعارف ڪرائي، پنهنجي شاعراڻي بصارتن ۽ فڪري قوتن کي سميٽيندي، سوچ جي عميق ساگر مان اهڙا تہ انمول موتي ڳولي، هڪ بي بها مالها جَڙي، جو چا تہ ڳالهہ ڪجي!

قطعہ تاريخ جا بنيادي طرح هيءُ ٽي قسم عام مروج آهن: (1) صوري، (2) معنوي ۽ (3) صوري معنوي. ”صوري تاريخ“ جو قاعده جمل سان ڪو تعلق ناهي هوندو ۽ شاعر ظاهري لفظن ۾ ڪنهن واقعي جو سن، تاريخ يا مهينو بيان ڪري ڇڏي ٿو. پر ”معنوي تاريخ“ جو دارومدار قاعده جمل سان سَلهاڙيل آهي، جنهن ۾ جمل جي قاعدي موجب هر هڪ لفظ جي اکرن جا عدد جمع ڪري، تاريخ وضع ڪئي ويندي آهي. حقيقت ۾ اهوئي تاريخ گوئيءَ جو فن آهي ۽ هيءُ طريقو ئي تاريخ گوئي جي فن ۾ سڀ کان گهڻو استعمال ٿئي ٿو. اهڙي ريت ”صوري و معنوي تاريخ“ ۾ وري ظاهري لفظن ۽ انهن ئي لفظن جي اکرن جي مجموعي مان يا وري ان کانسواءِ ٻين لفظن جي اکرن مان گهربل سن اخذ ڪيو ويندو آهي. تنهن کانسواءِ جنهن ماده تاريخ ۾ ڪجهہ عدد واقعي جي سن کان گهٽ هجن ۽ تاريخ گو گهربل عدد حاصل ڪرڻ لاءِ مصرع ۾ اشارو ڪري، تہ فلان اکر يا لفظ جا عدد ماده تاريخ ۾ داخل ڪرڻ سان گهربل سن حاصل ٿيندو، ان طريقي کي ”تعميہ“ چئجي ٿو. ”تعميہ“ عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ پوشيدگي يا معما چوڻ آهي (آرزو، 1895ع، ص:102). فن جمل جي اصطلاح ۾ تعميہ اُهو فن آهي، جنهن جي ذريعي ماده تاريخ ۾ گهربل عدد کان گهٽ عددن کي وڌايو وڃي. ان عمل کي تعبيہ بہ چيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ لڪائڻ يا آراستہ ڪرڻ آهي (منيبہ،2009ع، ص: 282). اهڙيءَ ريت وري جنهن ماده تاريخ ۾ ڪجهہ عدد واقعي جي سن کان وڌيڪ هجن ۽ تاريخ گو گهربل عدد جي پورائي لاءِ مصرع ۾ اشارو ڪري، تہ فلان اکر يا لفظ جا عدد ماده تاريخ مان خارج ڪرڻ سان گهربل سن حاصل ٿيندو. ان طريقي کي ”تخرجہ“ چئجي ٿو. ”تخرجہ“ عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ماده تاريخ جي زيادتي کي درست ڪرڻ آهي (سرهندي، 1993ع، ص:439). فن جمل جي اصطلاح ۾ تخرجہ اُهو فن آهي، جنهن ذريعي ماده تاريخ ۾ وَڌيل عددن کي گهٽائڻ واري طريقي کي ”تخرجہ“ چئجي ٿو. انهن عام قسمن کانسواءِ فن تاريخ گوئيءَ جي ماهرن صنعتن ۾ بہ تاريخون چيون آهن، پر تاريخ چوڻ لاءِ فڪر جي بلنديءَ ۽ شاعراڻي صلاحيتن سان گڏوگڏ تاريخ گوئيءَ جي اصولن سان واقفيت هئڻ بہ ضروري آهي.

جن ۾ واقعا نگاري، ندرت بياني ۽ تاريخي حقيقتون اهڙي طرح نظم ڪيون وڃن ٿيون، جيئن سمونڊ سمايو بوند ۾.

تاريخ گوئيءَ جي ميدان ۾ سنڌ جي جن جن شاعرن پنهنجي طبع جا جوهر ڏيکاريا آهن، تن مان شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ بہ پنهنجي دؤر جو مڃيل ۽ باڪمال تاريخ گو شاعر ليکجي ٿو. ميرزا صاحب ادبي دنيا ۾ بطور شاعر ۽ نثر نگار جي مشهور رهيو آهي ۽ هيءَ سنڌ جو واحد قلمڪار آهي، جنهن نثر توڙي نظم جي تقريباً هر صنف تي قلم آرائي ڪئي آهي. ميرزا صاحب جي ڪيل ادبي خدمتن تي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن، پر ميرزا صاحب جي تاريخ گوئيءَ تي ڪنهن بہ ڪو اهڙو مضمون نہ لکيو جنهن ۾ سندس چيل تاريخن تي فني نقطء نگاهہ کان بحث ڪيل هجي. مون ڪوشش ڪري، ميرزا صاحب جي تاريخ گوئي ۽ ان فن سان سندس دلچسپيءَ ڪانسواءِ ان فن تي کيس جيڪو ملڪو حاصل هو، تنهن جو فني جائزو بيان ڪيو آهي.

ميرزا قليچ بيگ پنهنجون 19 فارسيءَ ۾ چيل قطعہ تاريخون ڪتاب ”سودائ خام“ ۾ ڏنيون آهن ۽ ڪتاب ”سائون پن ڪارو پنو“ ۾ پنهنجي جنم جي 01 ۽ پنهنجي وفات لاءِ چيل 15 قطعہ تاريخون ڏنيون آهن. انهن ڪانسواءِ ميرزا صاحب ڪن واقعن، عمارتن جي تعمير ٿيڻ، شخصيتن جي جنم يا وفات ۽ ڪتابن ۽ اخبارن جي اشاعت تي بہ قطعہ تاريخون چيون آهن، جن مان فارسيءَ ۾41 ۽ سنڌيءَ ۾ 02 قطعہ تاريخون ڇپيل آهن. انهن تاريخن ڪانسواءِ 30 قطعہ تاريخون ٻيون بہ ملن ٿيون، جن مڙني تاريخن کي ميرزا صاحب پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ”گرجي نامہ“ ۾ شامل ڪيو. اِهو ڪتاب فائزه زهرا ميرزا جي توسط سان سال 2001ع ۾ انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد شايع ڪرايو. جڏهن تہ ”سودائ خام“ (ياڱو ٻيو- قلمي) ۾ بہ ڪجھ تاريخي قطعات آهن، جن مان ٻيون تاريخون تہ ”گرجي نامہ“ ۾ شامل آهن. پر تي قطعہ تاريخون اڃان بہ ٻيون ملن ٿيون، جن مان هڪ سيد ولي محمد شاه جي خواهش تي حضرت قلندر لعل شهباز جي روضہ تي پنجرو تيار ڪرائي نصب ڪرائڻ تي ۽ ٻي تاريخ ٽٽي جي شاعر سيد محمد زمان شاهہ ’ساقي‘ (18- اپريل 1889ع /16- مئي 1928ع) جي وفات تي

ميرزا صاحب فارسيءَ ۾ رقم ڪيون آهن. ٽين قطعه تاريخ سنڌي ۾ ماستر هوتچند جي ديوان ”ديوان هوت“ ۾ ڇپيل آهي. اهڙيءَ ريت ميرزا صاحب جملي 73 قطعه تاريخون فارسيءَ ۾ ۽ 03 سنڌيءَ ۾ چيون آهن.

ميرزا صاحب پنهنجي دؤر جو مڃيل شاعر ۽ ليکڪ هو. ڪيس ادبي دنيا ۾ وڏي شهرت حاصل هئي. جنهن ڪري اُن دؤر جا ليکڪ پنهنجن ڪتابن تي ميرزا صاحب کان تقريظون، ديباچه يا قطعه تاريخون لکرائيندا هئا. ميرزا صاحب مختلف ڪتابن جي شايع ٿيڻ ۽ اخبارن جي اجراءَ ٿيڻ تي جيڪي قطعه تاريخون رقم ڪيون، هِتي فقط انهن جو فني جائزو پيش ڪجي ٿو:

ميرزا صاحب پنهنجي دؤر جو پختو شاعر رهيو آهي ۽ هُن شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن مان قطعه تاريخ جي صنف ۾ به پنهنجي سخن سنجيءَ جو جوهر َپسايا آهن. ميرزا صاحب ”ڪشف اعجاز“ نالي هڪ ڪتاب ترجمو ڪيو، جنهن جي آخر ۾ پاڻ ڪتاب جي تڪميل جي قطعه تاريخ رقم ڪئي آهي.

مولانا جلال الدين رومي جي مثنويءَ جي نهج تي مولانا سعدالدين شبستري هڪ مثنوي ”گلشن راز“ سن 717هجريءَ ۾ تاليف ڪئي، جنهن ۾ تصوف ۽ توحيد جي باريڪ ۽ مشڪل مسئلن جو حل بيان ڪيل آهي (قليچ. 1914ع. ص:1-2). اُن مثنويءَ جو ميرزا صاحب ”ڪشف اعجاز“ جي نالي سان 02- جمادي الثاني 1331هه/09- مئي 1913ع تي، پوري هڪڙي هفتي ۾ منظوم ترجمو مڪمل ڪيو. اِهو ڪتاب ڪرائون سائيز ۾ (108) صفحن تي مشتمل آهي ۽ سال 1914ع ۾ اسٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد مان ڇپجي شايع ٿيو. اِهو ڪتاب راقم الحروف کي قاسميه لائبريري ڪنڊيارو مان ڊاڪٽر مولانا محمد ادريس سومرو السِندي جن جي توسط سان استفادي لاءِ مليو. ميرزا صاحب پنهنجي ان ڪتاب جي تڪميل جي تاريخ ۽ سن قطعه تاريخ جي صوري قسم ۾ قلمبند ڪري وضع ڪيو آهي:

ٿيو پورو هتي هي گُلشن راز — جنهين ۾ عشق جو ٿيو سوز ۽ ساز
عجب گلشن جنهين جو آهي هر گُل — مِنيون لاتيون ڪندڙ مانند بُلبُل

---

يعني جنهن باغ جو سڀ ڪو گل بلبل وانگي ٻوليون ٻوليو ڪري ۽ اسرار ظاهر پيو ڪري ۽ سمجهائي، ۽ مڪاشفه ۽ مشاهده جو رستو ڏيکاري.

ٺيا نقل ۽ عقل جا اُن ۾ حقائق        صفا ٿيا اُن ۾ سڀ ڳوڙها دقائق
ڪري جيڪو اُنهن تي دل سان ويچار        ٿئي توحيد ۾ قابل ۽ هُشيار
ڪري مَن ڪو مصنف اُن جي کي ياد        دعا سان اُن جي هُن جو روح ٿئي شاد
لکيو مولانا سعد الدين محمود        شبستر ۾ جو ٿيو مدفون مولود
ڪيو مون ترجمو سنڌيءَ ۾ اُن جو        لڳايم اُن ۾ پورو هڪڙو هفتو
اصل جو نانءُ ٿيو جڏهن گلشن راز        ڪيو مون هِن جو نالو ڪشف اعجاز
جمادي ٻئي جي اج تاريخ ٽي ٻي        ٿيّو سن تيرهن سؤ ۽ ايڪٽيهه هجري
خدايا فضل ڪر هر حال هر گاهه        قليچ آهي سوالي تنهنجي درگاهه
اُنهي جي دل سدا خوشنود ڪر تون        الهي عاقبت محمود ڪر تون

(قليچ، 1914ع، ص:107-108)

ماستر هوتچند سنگومل ٽيڪواڻي (جنم: 31- مارچ 1868ع) مانجهو تعلقو ڪوٽڙي (تڏهوڪو ضلعو ڪراچي) جو رهاڪو هو ۽ آلومل (پي) اسڪول ڪراچي ۾ هيڊماستر هو (Directory. 1922. P.18-19). ماستر هوتچند پنهنجو سنڌيءَ ۾ ديوان سال 1915ع ڌاري ”ديوان هوت“ جي نالي سان جوڙيو، جنهن تي ميرزا صاحب کان قطعه تاريخ لکرايائين. پر نه ماستر هوتچند بابت ٻي ڪا وڌيڪ معلومات ملي ٿي ۽ نه ئي وري ڪٿي سندس جوڙيل ”ديوان هوت“ جو ذڪر ملي ٿو. موتيرام سترامداس راماڻي پنهنجي ڪتاب ”رتن جوت“ ۾ سندس مختصر احوال هِن ريت لکيو آهي:

ماستر هوتچند سنگومل ٽيڪواڻي هڪ چڱو موچارو شاعر هو. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سهڻا دوهرا، چند ۽ شعر لکيا اٿس. هي صاحب، وشن سيا ۾، وشن گنج مان چيدا چيدا شعر پڙهي ٻڌائيندو هو.

ماستر هوتچند مانجهو ڳوٺ جو هو ۽ ڪراچي شهر ۾، ميونسپل اسڪول جو هيڊ ماستر هو. سنڌي کان سواءِ اردو، هندي، پنجابي ۽ پارسي ٻولين جو ڄاڻو هو. هي صاحب ستسنگي ۽ ودوان هو. پنگتي سڏاري ۾ زبردست دلچسپي وٺندڙ هو (راماڻي، 1959ع، ص:486).

---

يعني تصوف ۽ توحيد جا مشڪل عقدا ۽ دقيقا ۽ حقيقتون سمجهائي ٿو.

يعني جي ڳالهيون معجزن وانگي ماڻهن کي سمجه ۾ نه اچن يا منجهائن ۽ عاجز ڪن تن کي کولي سمجهائي ٿو.

جمادي الثاني يا جمادي الآخر مهينو، 1331 هجري.

ماستر هوتچند جي خواهش تي ميرزا صاحب ”ديوان هوت“ جي تڪميل ٽيڻ جي تاريخ معنوي صورت ۾ هِن ريت قلمبند ڪئي آهي:

ڏنو مون هوت جو ديوانُ سنڌي — پڙهڻ مان اُن جي پڻ آيم گهڻو رَسُ
گهڻا اُن ۾ هئا مضمون جا گل — انهي ڪان ٿو وٽي گلزار جو ڏس
وزن ٿيا فارسي ۽ شعر سنڌي — بيهارڻ ۾ انهي جي ڪيئين وڏو وَس
اجوڪا جيڪي هندو شاعر آهن — انهن مان پِي وري هِن کي هجي جَسُ
لکڻ تاريخ لاءِ مون کي چيائين — ٺهي ڪارڻ ڪنيم ڪاغذ قلم مَس

ڪيو مون ان جي مادي جو جڏهن فڪر
اچي هاتف لکايو باغ نرگس
1333هه

(سوداءِ خام، قلمي، ص:62)

خواجہ محمد هاشم لعل محمد، اسماعيلي فڪر جي روشنيءَ ۾ تصوف يا ويدانت تي ڪتاب ”حق موجود“ لکيو جنهن جو پهريون ڇاپو سال 1335هه/1917ع ۽ ٻيو ڇاپو سال 1955ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪتاب جي اشاعت تي ميرزا قليچ بيگ جي فارسي، سيد محمد شاهہ زوار حڪيم جي اردو ۽ ماستر محمد صديق مسافر جي سنڌيءَ ۾ قطعہ تاريخون ڏنل آهن. ميرزا صاحب ڪتاب ”حق موجود“ جي اشاعت جو سن صنعت تعميہ ۾ هِن ريت وضع ڪيو آهي:

چون محمد هاشم استظهار حق موجود خواست — زودتر نخل مراد او چہ شيرين بار داد
سال طبع نسخۃ او چون ز هاتف خواستم — با سر الطاف گفتہ: بارور نخل مراد
1335هه = 01 + 1334

(گرجي نامہ، 2001، ص-104).

فقير هدايت علي ’نجفي‘ سنڌ جو معروف شاعر ۽ محقق ٿي گذريو آهي. جنهن پنهنجي غزلن جو ديوان ”ديوان نجفي عرف ديوان سنڌي“ 25- شوال المڪرم 1340هه/21- جون 1922ع ۾ منشي پوڪرداس ٿانورداس شڪارپور مان شايع ڪرايو. جنهن جي اشاعت تي ميرزا قليچ بيگ، جمعہ خان غريب ۽ سيد محمد تقي شاهہ حنفي قطعہ تاريخون چيون آهن. ميرزا صاحب 1 قطعہ تاريخ سنڌيءَ ۾ ۽ 05

فارسيءَ ۾ چيون آهن. ميرزا صاحب سنڌيءَ ۾ چيل قطعه تاريخ ۾ اشاعت جو سن صوري ۽ معنوي صورت ۾ هن ريت رقم ڪيو آهي:

| | |
|---|---|
| خوشيءَ جو ڏينهن آيو سنڌ جي لاءِ | جڏهن پورو ٿيو ديوان نجفي |
| اها شوّال جي پنجويهين تاريخ | ۽ سن تيرهن سؤ ۽ چاليهه هجري |
| ٿيو شاعر سندو نجفي تخلص | جو هئي ان کي هدايت نِتُ علي ڪئي |
| علي ٿيو فخر موجودات بيشڪ | نبي کان پوءِ صفت ايءَ وصي جي |
| انهي کان فخر موجودات آهي | سندس ديوان جي تاريخ عمدي |

1340هه

| | |
|---|---|
| غزل ان جا پسندي جهڙا اڪثر | چڱا بي طرح پڻ آهن سپيئي |
| رديف ۽ قافيا ان جا چڱا بحر | چڱيون پڻ صنعتون ان ۾ ٿيون علمي |
| خيال آهن اگرچه فارسي سڀ | ڏڪايو تن کي شاعر ويس سنڌي |
| اچي لذّت پڙهڻ مان شعر ان جي | نمونو ٿيو نئون ۽ طرز تازي |

مصنف کي ڏيان دل سان مبارڪ
جو آخر ساب سڀ محنت سندس ٿي

(سوداءِ خام. قلمي. ص:78/ ديوان نجفي. 1922ع. ص:156)

ميرزا صاحب ”ديوان نجفي“ تي فارسيءَ ۾ پنج قطعه تاريخون رقم ڪيون آهن، جنهن مان شروعاتي چار صنعتِ تعميه ۾ چيل آهن ۽ هڪڙي معنوي صورت ۾ وضع ڪري ”ديوان نجفي“ جي اشاعت جو سن قلمبند ڪيو آهي:

| | |
|---|---|
| به دستم آمده ديوان نجفی | شده آن تحفهء مقبول و محبوب |
| غزل ها در زبان سندی آنجا | به طرز شاعران بودند مکتوب |
| به شوق دل مطالعه کردم آن را | به طبعم آمد و بسيار مرغوب |
| شدم آن دم نهايت محو در فکر | که سال اختتامش بود مطلوب |
| همان دم گفت هاتف با سر لطف | بسا زيبا بسا تحفه بسا خوب |

30 + 1310 = 1340هه

| | |
|---|---|
| وه چه ديوان نجفی است عجيب | که هدايت علی به من برساند |
| خواندمش خوب يافتم آن را | خاطرم زان بسی به فرحت ماند |

فکر تاریخ سال اتمامش | بر سر عرصهء خیالم راند
یا بسر جدوجهد در آخر | دلم آن را چراغ مجلس خواند
03 + 1337 = 1340هہ

دوش جون دیوان نجفی شد تمام | دید آن را هر کسی هر کس شنفت
گفت هریک چون نمود آن را پسند | شاعر سندی عجب ڍوھا بسفت
از برای سال اتمام کتاب | در دلم پیدا شده شوقی نهفت
خواستم تاریخ آن را از سروش | با سر الطاف راحت خلق گفت
01 + 1339 = 1340هہ

نوشته گشت چون دیوان نجفی هر کسی گفته | عروس شعر سندی را عجب زیب و طراز آمد
شده مائل دلم تاسال اتمامش دهم در شعر | شده کوته خیالم گرچه این بحر دراز آمد
چه عمده مادهء تاریخ ملهم در دلم انداخت | که آن جمیعت خاطر بغایت سوز و ساز آمد
1333 + 07 = 1340هہ

شعر نجفی بخوان به دیوانش | لفظ ها محکمند بسته به میخ
لذت شعر او چه باید گفت | شده گویا کباب به سیخ
شعر لفظ است عشق شد مضمون | لفظ نخل است و معنیش شد بیخ
دو اثر چون یکی ستاره دهد | زهره هم بخوان و هم مریخ
شغل شعر است و شغل عشق به هم | زان دو شغل است مادهء تاریخ
1340هہ

(سودائِ خام. قلمي. ص:32-34/ ديوان نجفي. 1922ع. ص:114-115)

مخدوم محمد صالح ڀٽي هالائي ڪربلا جي واقعي تي ناول ”عروسِ ڪربلا“ لکيو جنهن جو پهريون ڇاپو 1347هہ/1928ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جي آخر ۾ ڪتاب جي اشاعت تي شمس العلماءُ خانبهادر ميرزا قليچ بيگ، ميان محمد صديق ’مسافر‘ ۽ ڊاڪٽر ميرزا مددعلي ’مدد‘ جون قطعہ تاريخون ڇپيل آهن. اِن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سال 1936ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي پريس مان ڇپيو پر اُن ۾ قطعہ تاريخون ڏنل ناهن. ميرزا صاحب ”عروس ڪربلا“ جي اشاعت جو سن معنوي صورت ۾هِن ريت رقم ڪيو آهي:

گاهيکه عروس کربلا گشت عیان | گشتم آن سال را ز هاتف جویان
چون بود مصنفش محمد صالح | منظور دوعالم آمده مادهء آن
1347هہ

(سودائِ خام. قلمي. ص:21/ عروس ڪربلا. ص:152)

سکر مان سال 1901ع ۾ هفتيوار ”الحق“ اخبار جاري ٿي، جنهن جو ايڊيٽر شيخ عبدالعزيز محمد سليمان هو (هَڪڙو، 2001ع. ص:184-185). اُن اخبار جي اجراءَ تي ميرزا صاحب هيءَ قطع چئي، معنوي صورت ۾ هجري سن قلمبند ڪيو:

| | |
|---|---|
| دوش اندر گوش هوشم از سروش آمد نويد | شد شروع اخبار الحق هم به ايام سعيد |
| اختر عزو شرف طالع شده بر ملک سند | رونق تازه ازآن اسلام را خواهد رسيد |
| بهر سالش فکر کردم هاتفم گفتا: بلي | رونق اسلام شد در سند از الحق پديد |

42 + 1277 = 1319ھ

(گرجي نامہ، 2001، ص. ص: 77)

ميان غلام سرور ’فقير‘ قادري سال 1340ھ/1922ع ۾ لاڙڪاڻي مان هفتيوار ”الحقيقت“ اخبار جاري ڪئي (قادري، 1983ع، ص: 238). ان اخبار جي جاري ٿيڻ تي ڪيترن شاعرن شعر لکيا ۽ قطعہ تاريخون چيون. ميرزا صاحب بہ اخبار ”الحقيقت“ جي جاري ٿيڻ تي بہ تاريخون هڪ سنڌي ۽ ٻي فارسي ۾ رقم ڪيون، جن ۾ اشاعت جو سن معنوي صورت ۾ هن ريت سمايل آهي:

| | |
|---|---|
| الحقيقت جاري ٿي اخبار واهہ | لاڙڪاڻي مان ۽ سڀ ڪنهن سا پڙهي |
| ملڪ جو احوال سڀ معلوم ٿيو | سنڌ ۾ هر طرح علميت وڌي |
| ”مهتمم ان جو مقرر ٿيو ”فقير | آهہ جو مشهور شاعر قادري |

عالم ۽ فاضل وڏو ٿيو سو جڏهن

فاضل اعظم تڏهن تاريخ ٿي

1922ھ (سوداءِ خام، قلمي، ص:77-78 ۽ قادري، 1983ع، ص:238)

فارسيءَ ۾ وري اخبار ”الحقيقت“ جي اجراءَ جو سن هن ريت وضع ڪيو آهي:

| | |
|---|---|
| در سند همين سال به آوان خجسته | اخبار مسمیٰ به حقيقت شده شايع |
| سنگين به عبارت شده رنگين به مضامين | آورده به هم از همه جا چيده وقايع |
| با شعر و سخن معدن هر علم و هنر شد | مخزن شده از بهر صنايع و بدايع |
| در مايه گران گشت و به قيمت شده ارزان | خواندش چو کسی وقت نگويد شده ضايع |

چون جست دلم ماده تاريخ شروعش

از غيب ندا آمده مرغوب طبايع

1340ھ (گرجي نامه، 2001 ص:113)

سنڌي ادب جي هِن نامياري اديب ۽ شاعر 26- محرم الحرام 1348هه/03- جولاءِ 1929ع دارِ دنيا کان دارالبقا طرف سِڌاريو. ميرزا صاحب پنهنجي وفات لاءِ سال 1331هه/1913ع کان قطعه تاريخون لکڻ شروع ڪيون ۽ 16 سالن تائين، هر سال پنهنجي وفات جي تاريخ چوندو رهيو. جن مان آخري قطعه تاريخ 1348هه/1929ع رقم ڪيائين. جنهن جي ماده‍ء تاريخ "بخت موقر" ۾ وفات جو هجري سن 1348هه سمايل آهي:

عمرم به همين سال چو هفتاد شد و هفت — آمد ملک الموت ز درگاه حق آخر
گفتا که بسي زيستي در منزل دنيا — شو عازم عقبي که ببيني ,رخ داور
از فرط مسرت زدم آهي و بمردم — در عالم ارواح رسيدم دمي ديگر

تاريخ وفاتم چو دلم خواسته از غيب
هاتف ز کرم کرد ندا بخت موقر

1348هه (گرجي نامہ 2001 ص: 126)

ميرزا صاحب جو انتقال ڪرڻ سنڌ لاءِ هڪ وڏو ڏکوئيندڙ حادثي مثل هو جنهن سنڌي ادب کي جهڙوڪر يتيم ڪري ڇڏيو. ميرزا صاحب جي وفات تي ڪيترن شاعرن قطعه تاريخون ۽ نظم چيا، جن مان ميرزا علي بخش 'ڪوثر' جو چيل نظم هِتي ڏجي ٿو. اِهيو نظم ميرزا علي بخش بيگ جي ڊائريءَ ۾ تمام خستہ ۽ نامڪمل حالت ۾ سندس پاٽتي ميرزا نجم الحسن بيگ کان راقم الحروف کي مليو آهي:

جناب مستطاب عن الالقاب جناب شمس العلماء مرحوم مغفور مرزا قليچ بيگ
صاحب ازين دار دنيا بدار البقا انتقال کرد
انالله وانا اليہ راجعون

آحزانِ قليچ

وري اڄ ٿيا محزون خورد و ڪلان — عجب دردِ غم کان ٿيا گريہ ڪُنان
ٿيا ڪنهن طرح يڪ لخت اندوهگين — جو رنج آهي ظاهر سندن شڪل مان
ٿيو ڪنهن سوگ ۾ هر ڪو زار و نزار — ٻيا ٿي ويو جنهن کان شور و فغان
ٿيا ڏک کان سراسيمہ سڀ سربسر — ڏسان ابر ماتم ٿو هر ڪنهن مٿان
هُويدا هي ڪهڙو آلم ٿي ويو — جو سڀ غمزده ٿي ويا ناگهان
ٿيو سڀ ڪو اڄ فرطِ غم کان حَزين — سي خاڪ حسرت جي ٿي در جهان

سفر پنهنجو يڪبارگي ڪيو بهار    ۽ باغ تمنا ۾ آئي خزان
ڏسي باغ ۾ هيئن خزان بيدرنگ    همہ بلبليون ٿي ويون نوحہ خوان
هزارانِ ناشاد اي وائ وائ    ٿيون ڪن پنهنجا ويران سڀ آشيان
چيم هي حقيقت ۾ ٿي ماجرا    يا آهي سندم محض وهم و گمان
اجان غوطہ زن هوس در بحرِ فڪر    تہ آئي ندا هاتفِ غيب ڪان
ٿي غفلت چڏي زودتر هوشيار    ڪيو اڄ طُرفہ بيداد چرخ روان
درخشنده خورشيد افلاڪِ سنڌ    سحاب سياهِ اجل ڪيو نهان
درخشان آن شمس العلمائ سنڌ    غروب اڄ ٿيو از گردش آسمان
دريغا ڪہ آن مفخرِ ملڪ سنڌ    ز دنيائ فاني ٿيو اڄ روان
هو بي شائبہ قابل آفرين    ٿيو شان و شرف جنهن جو هر جا عيان
زهي عزت و طالع ميرزا    خوشا اوج اقبال ذوالعزّ و شان
حقيقت ۾ ڪامل عديم النظير    ٿيا توصيف خوان جنهن جا پير و جوان
تواريخدان، صاحبِ علم و حلم    مصنف، وسيع النظر نڪتہ دان
خردمند، دانا، فهيم و ذهين    هنر پرور، اهل زبان، قدردان
خدا ترس، دُرويش، ايزد پرست    پسنديدهء صلح امن و امان
خوش اطوار، خوشخو، تواضع شعار    حق آگاہ، آئينہ دل بيگمان
خوش اوصاف، خوش خلق، خوش احترام    خوش اوضاع، خوش طبع، راحت ........
خوش اخلاص، خوش خصلت خوش سير    خوش اخلاق، خوشخو و شيرين زبان
خوش لسان، خوش آواز شيرين ڪلام    خوش آهنگ، خوش لهجہ و خوش بيان

## حوالا:


1) آرزو علي خان، سراج الدين: (1895ع)، ”غياث اللغات“، لکهنو: منشي گلاب سنگهہ.
2) بلواڻي، ڏاندومل، منشي: (1895ع). سنڌي جنتري. شڪارپور: منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب سٽہ بازار.
3) راموااڻي، موتيرام سترامداس: (آگسٽ 1959ع). رتن جوت (پاڱو پهريو). ڪراچي.
4) سرهندي، وارث: (1993ع)، علمي اردو لغت. لاهور: علمي ڪتاب خانہ.
5) قادري، اياز حسين، ڊاڪٽر: (1983ع). سنڌي غزل جي اوسر (جلد پهريون). ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

6) قليچ بيگ، ميرزا: (قلمي). سوداءِ خام (پاڱو پيو). ملڪيت: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.
7) قليچ بيگ، ميرزا: (2006ع). سنڌي ويا ڪرڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
8) قليچ بيگ، ميرزا: (2001ع). گرجي نامہ. (تصحيح و مقدمہ: فائزه زهرا ميرزا). اسلام آباد: انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان.
9) قليچ بيگ، ميرزا: (1914ع). مثنوي ڪشف اعجاز. حيدرآباد: اسٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس.
10) منيبہ خانم، ڊاڪٽر: (2009ع). اردو مين قطعہ نگاري، ملتان: بيڪن بڪس.
11) نجفي، هدايت الله: (1922ع). ديوان نجفي. شڪارپور: پوڪرداس ٿانورداس.
12) هاشمي، عبدالقدوس: (1987ع). تقويم تاريخي (قاموس تاريخي). اسلام آباد: اداره تحقيقات اسلامي.
13) هَڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر: (2001ع). سکر جي صحافت جي تاريخ (سکر: تاريخ ۽ سماج. مرتب: ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري). سکر: هسٽاريل سوسائٽي.
14) Directory of the Local Board & Municipal Schools in Sindh (Twenty-Ninth Issue). (1922). Printed: Commissioner's Printing Press, Karachi.
15) Lashari, Kaleemullah: (2018). Epigraohy of Makli. Karachi: Sindh Exploration & Adventure Society/ Department of Culture, Tourism and Antiquities, Government of Sindh.
16) https://www.islamicfinder.org/islamic-date-converter.